# 28 کُفریہ کلمات



شیخِ طریقت، امیرِ اہلسنت، بانیٔ دعوتِ اسلامی حضرت علامہ مولانا ابو بلال

مُحمّد الیاس عطّار قادری رضوی دامت برکاتہم العالیہ

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# 28 ڪُفريہ ڪلمات

شيطان ڪيتري بہ سُستي ڏياري هي رسالو شروع کان آخر تائين پڙهي ايمان جي حفاظت جو سامان ڪريو.

## دُرود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ، صاحبِ معطّر پسينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باقرينہ آهي: اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن اُن جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب کان جلد نجات حاصل ڪرڻ وارو شخص اُهو هوندو جنهن توهان مان مون تي دنيا ۾ ڪثرت سان درود شريف پڙهيا هوندا.

(الفردوس بماثور الخطاب ج 5 ص 277 حديث 8175)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

تنگدستي، بيماري، پريشاني ۽ فوتگي جي موقعن تي ڪجهہ ماڻهو صدمي يا اِشتِعال (يعني جذباتيت) جي سبب اڪثر نَعُوْذُ بِاللّٰہ ڪُفريہ جملا بڪي ڇڏيندا آهن. اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ تي اعتراض ڪرڻ، اُن کي ظالم يا ضرورتمند يا محتاج يا لاچار سمجهڻ يا چوڻ اِهو سڀ ڳُليو ڪفر آهي. ياد رکو! بِنا شرعي اِڪراہ جي هوش ۽ حواس ۾ صريح يعني ڳُليو ڪفر بڪڻ واري، ۽ معنيٰ سمجهڻ جي باوجود ها ۾ ها ملائڻ وارو بلڪ تائيد ۾ مٿو لوڏڻ

وارو بہ ڪافر ٿي ويندو آهي، اُن جو نڪاح ٽُٽي ويندو، بيعت ختم ٿي ويندي ۽ سڄي زندگي جا نيڪ عمل برباد ٿي ويندا آهن. جيڪڏهن حج ڪيو هو تہ اُهو بہ ويو، هاڻي تجديدِ ايمان کان پوءِ (يعني نئين سِر مسلمان ٿيڻ کان پوءِ) صاحبِ اِستِطاعت ٿيڻ (يعني شرط موجود هئڻ) تي نئين سِر حج فرض ٿيندو.

## مشڪلات جي وقت ڳالهايا ويندڙ ڪفريہ جملن جا ڪجھ مثال

﴿1﴾ اعتراض طور چوڻ: اُهو شخص ماڻهن سان ڪجھ بہ ڪري الله جي طرفان اُن کي فُل آزادي (يعني کلي ڇوٽ) آهي ﴿2﴾ اعتراض طور ائين چوڻ: ڪڏهن اسان فُلاڻي سان ٿورو ڪجھ ڪريون تہ الله اسان کي هڪدم پڪڙي ونندو آهي ﴿3﴾ الله هميشہ منهنجي دشمنن جو ساٿ ڏنو آهي ﴿4﴾ هميشہ سڀ ڪجھ الله تي ڇڏي بہ ڏسي ورتو، ڪجھ ڪونہ ٿو ٿئي ﴿5﴾ الله منهنجو نصيب اڃا تائين تہ ٿورو بہ سُنو ناهي ناهيو ﴿6﴾ شايد اُن جي خزاني ۾ منهنجي لاءِ ڪجھ بہ ناهي، منهنجون دنياوي خواهشون ڪڏهن پوريون نہ ٿيون آهن، سڄي زندگي منهنجي ڪا دعا قبول ناهي ٿي، جنهن کي چاهيو اُهو پري ٿي ويو، منهنجو هر خواب اڌورو رهيو، سڀ ارمان خاڪ ٿي ويا، هاڻي اوهان ئي ٻڌايو آئون الله تي ڪِيئن ايمان آڻيان؟ ﴿7﴾ هڪڙي شخص اسان کي ڏاڍو تنگ ڪيو آهي، مزي جي ڳالھ اِها تہ الله بہ اهڙن سان گڏ هوندو آهي ﴿8﴾ جنهن شخص مصيبتن پهچڻ

تي چيو: اي الله! تو مال وني لاتو، فُلاڻي شيء وني ورتي، هاڻي ڇا ڪندين؟ يا هاڻي ڇا تو چاهين؟ يا هاڻي ڇا باقي بچيو آهي؟ اهو قول ڪفر آهي ﴿9﴾ جيڪو چوي: ”الله منهنجي بيماري ۽ پُٽ جي تڪليف جي باوجود جيڪڏهن مون کي عذاب ڏنو تہ اُن مون تي ظلم ڪيو.“ اهو چوڻ ڪفر آهي“ (البحرالرائق ج 5 ص 209) ﴿10﴾ الله هميشہ بُرن ماڻهن جو ساٿ ڏنو ﴿11﴾ الله مجبورن کي ويتر وڌيڪ پريشان ڪيو آهي.

## تنگدستي جي ڪري بڪيا ويندڙ ڪفريہ جملن جا مثال

﴿12﴾ جيڪو چوي: ”اي الله! مون کي رزق ڏي ۽ مون تي تنگدستي وجهي ظلم نہ ڪر.“ ائين چوڻ ڪفر آهي. (فتاوىٰ قاضي خان ج 3 ص 467) ﴿13﴾ ڪجھ ماڻهو قرض لاهڻ يا تنگدستي يا دولت جي گهٽائي جي لاءِ ڪافرن وٽ نوڪري جي خاطر يا ويزا فارم تي يا ڪنهن طرح جي رقم وغيره جي بچت جي لاءِ درخواست (فارم) ۾ پاڻ کي عيسائي (ڪِرسچن)، يهودي، قادياني يا ڪنهن بہ ڪافر و مرتد ٽولي جو ”فرد“ لکندا يا لکرائيندا آهن انهن تي ڪفر جو حڪم آهي ﴿14﴾ ڪنهن کان مالي مدد جي درخواست ڪندي چوڻ يا لکڻ تہ جيڪڏهن توهان ڪم نہ ڪيو تہ آئون قادياني يا عيسائي (ڪِرسچن) ٿي ويندس. ائين چوڻ وارو فوراً ڪافر ٿي ويو. ايستائين جو جيڪڏهن ڪير چوي تہ آئون 100 سالن کان پوءِ ڪافر ٿي ويندس اُهو هاڻي کان ڪافر

تي ويو ﴿15﴾ ڪنهن مشورو ڏنو تہ ڪافر ٿي وڃ تہ اُهو ڪافر ٿئي يا نہ ٿئي مشوري ڏيڻ واري تي ڪفر جو حڪم آهي، ۽ ڪنهن ڪفر بڪيو ۽ هن تي راضي ٿيڻ واري تي بہ ڪفر جو حڪم آهي چاڪاڻ تہ ڪفر کي پسند ڪرڻ بہ ڪفر آهي ﴿16﴾ جيڪڏهن واقعي الله هجي ها تہ غريبن جو ساٿ ڏي ها، قرضدارن جو سهارو ٿئي ها.

## اعتراض جي صورت ۾ بڪيا وينديڙ ڪفريہ جملن جا مثال

﴿17﴾ مون کي خبر ناهي الله جڏهن مون کي دنيا ۾ ڪجهہ نہ ڏنو تہ مون کي پيدا ئي ڇو ڪيو! اهو قول ڪفر آهي. (منح الروض ص 521) ﴿18﴾ ڪنهن مِسڪين پنهنجي محتاجي کي ڏسي ڪري اهو چيو: يا الله! فُلاڻو بہ تنهنجو ٻانهو آهي، اُن کي تو ڪيتريون نعمتون ڏنيون آهن ۽ هڪ آئون بہ تنهنجو ٻانهو آهيان مون کي ڪيتري قدر ڏک ۽ تڪليف ڏين ٿو. آخر اهو ڪهڙو انصاف آهي؟ (عالمگيري ج 2 ص 262) ﴿19﴾ چون ٿا: الله صبر ڪرڻ وارن سان گڏ آهي، آئون چوان ٿو اِهو سڀ بڪواس آهي ﴿20﴾ جِن ماڻهن کي آئون چاهيان ٿو اُهي پريشاني ۾ رهن ٿا ۽ جيڪي منهنجا دشمن آهن الله انهن کي تمام گهڻو خوشحال رکي ٿو ﴿21﴾ ڪافرن ۽ مالدارن کي راحتون ۽ غريبن ۽ محتاجن تي آفتون! بس سائين! الله جي گهر جو تہ سڄو نظام ئي اُبتو آهي ﴿22﴾ جيڪڏهن ڪنهن بيماري، بيروزگاري،

غربت يا ڪنهن مصيبت جي ڪري الله تي اعتراض ڪندي چيو: اي منهنجا ربّ! تون مون تي ڇو ٿو ظلم ڪرين؟ جڏهن تہ مون تہ ڪو گناهہ ڪيو ئي ناهي. تہ اهو ڪافر آهي.

## فوتگي جي موقعي تي بڪيا ويندڙ ڪفريہ جملن جا مثال

﴿23﴾ ڪنهن جو انتقال ٿي ويو جنهن تي ٻي شخص چيو: الله کي ائين نہ ڪرڻ کپندو هو ﴿24﴾ ڪنهن جو پُٽ گذاري ويو، اُن چيو: "الله کي هِن جي ضرورت هوندي" اِهو قول ڪفر آهي ڇاڪاڻ تہ چوڻ واري اللهعَزَّوَجَلَّ کي محتاج قرار ڏنو. (فتاويٰ بزازيہ مع عالمگيري ج 6 ص 349) ﴿25﴾ ڪنهن جي وفات تي عام طور تي بڪي ڇڏيندا آهن: خبر ناهي الله کي هِن جي ڪهڙي ضرورت پئجي ويئي هئي جو جلدي گُهرائي ورتائين يا چوندا آهن: الله کي بہ نيڪ ماڻهن جي ضرورت پوندي آهي اِنهي ڪري جلدي ڪٺي ونندو آهي (اِهو ٻُڌي ڪري معنيٰ سمجهڻ جي باوجود عام طور تي ماڻهو ها ۾ ها ملائيندا ۽ حمايت ۾ مٿو لوڏيندا آهن انهن سيني تي بہ ڪفر جو حڪم آهي) ﴿26﴾ ڪنهن جي وفات تي چيائين: يا الله! هِن جي ننڍڙن ننڍڙن ٻچن تي بہ تو کي رحم نہ آيو! ﴿27﴾ جوان جي موت تي چيائين: ياالله هِن جي قوهہ جواني تي ئي رحم ڪرين ها. جيڪڏهن مارڻو ئي هُو تہ فُلاڻي پوڙهي يا پوڙهيءَ کي ئي ڪٺي مارين ها ﴿28﴾ ياالله! آخر هِن جي اهڙي ڪهڙي ضرورت پئجي ويئي جو هاڻي ئي واپس گُهرائي ورتئي.

# تجديدِ ايمان (يعني نئين سِر مسلمان ٿيڻ) جو طريقو

ڪُفر کان توبھ اُن وقت مقبول ٿيندي جڏھن تہ ھُو ان ڪفر کي ڪفر تسليم ڪندو ھجي ۽ دل ۾ اُنھي ڪفر کان نفرت ۽ بيزاري بہ ھجي. جيڪو ڪفر ڪيائين توبھ ۾ اُن جو ذڪر بہ ھجي. مثال طور جنھن ويزا فارم تي پنھنجو پاڻ کي ڪِرسچن لکيو اُھو ھِن طرح چوي: ”يا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! مون جيڪو ويزا فارم تي پنھنجو پاڻ کي ڪرسچن ظاھر ڪيو آھي اِن ڪفر کان توبھ ڪريان ٿو.“ توبھ کان پوءِ پڙھو: لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) (يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناھي محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا رسول آھن) اھڙي طرح مخصوص ڪفر کان توبھ بہ ٿي ويئي ۽ تجديدِ ايمان (يعني نئين سِر مسلمان ٿيڻ) بہ. جيڪڏھن مَعَاذَاللّٰه ڪيئي ڪفر بڪيا ھجن ۽ ياد نہ ھجي تہ ڇا ڇا بڪيو آھي تہ ھئين چوي: ”ياالله عَزَّوَجَلَّ! مون کان جيڪي ڪفر ٿيا آھن آئون اُنھن کان توبھ ڪريان ٿو.“ پوءِ ڪلمو پڙھي. (جيڪڏھن ڪلمي شريف جو ترجمو معلوم آھي تہ زبان سان ترجمو دُھرائڻ جي ضرورت ناھي) جيڪڏھن اھا خبر ئي ناھي تہ ڪفر بڪيو بہ آھي يا نہ تڏھن بہ جيڪڏھن احتياطاً توبھ ڪرڻ چاھيو تہ ھِن طرح چئو: ”يا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏھن مون کان ڪو ڪفر ٿي ويو ھجي تہ آئون اُن کان توبھ ڪريان ٿو.“ اِھو چوڻ کان پوءِ ڪلمو پڙھي ونو. (سيني کي روزانو بلڪ وقت بوقت ڪفر کان احتياطي توبھ ڪندو رھڻ گُھرجي)

# تجديدِ نڪاح جو طريقو

تجديدِ نڪاح جي معنيٰ آهي: ”نئين مهر سان نئون نڪاح ڪرڻ.“ ان جي لاءِ ماڻهن کي جمع ڪرڻ ضروري ناهي. نڪاح ايجاب و قبول جو نالو آهي. ها نڪاح جي وقت گواه طور گهٽ ۾ گهٽ ٻہ مسلمان مرد، يا هڪ مسلمان مرد ۽ ٻن مسلمان عورتن جو حاضر هئڻ لازمي آهي. نڪاح جو خطبو شرط ناهي بلڪ مستحب آهي. خطبو ياد نہ آهي تہ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ ۽ بِسْمِ اللّٰهِ شريف کان پوءِ سورت فاتِحہ بہ پڙهي سگهجي ٿي. گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ دِرهم يعني ٻہ تولا ساڍا ست ماشا چاندي (موجوده وزن جي حساب سان 30 گرام 618 ملي گرام چاندي) يا اُن جي رقم مهر واجب آهي. مثال طور اوهان پاڪستاني 786 روپيا اوڌر مهر جي نيّت ڪئي آهي (پر اِهو ڏسي وٺو تہ مهر مقرر ڪرڻ وقت مٿي ذڪر ڪيل چاندي جي قيمت 786 پاڪستاني روپين کان وڌيڪ تہ ناهي) تہ هاڻي مٿي ذِڪر ڪيل گواهن جي موجودگي ۾ اوهان ”ايجاب“ ڪريو يعني عورت کي چئو: ”مون 786 پاڪستاني روپيا مهر جي بدلي توهان سان نڪاح ڪيو.“ عورت چوي: ”مون قبول ڪيو“ **نڪاح ٿي ويو.** (ٿي دفعا ايجاب ۽ قبول ضروري ناهي جيڪڏهن ڪري وٺو تہ بهتر آهي) اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ عورت ئي خطبو يا سورت فاتحہ پڙهي ڪري ”ايجاب“ ڪري مرد چوي: ”مون قبول ڪيو“ نڪاح ٿي ويو. نڪاح کان پوءِ جيڪڏهن عورت چاهي تہ مهر معاف بہ ڪري

سگهي ٿي. پر مرد بِنا شرعي حاجت جي عورت کان مهر معاف ڪرڻ جو سوال نہ ڪري .

**مدني گل**: جِن صورتن ۾ نڪاح ختم ٿي ويندو آهي مثلاً صريح يعني کُليو ڪفر بڪيو، ۽ مرتد ٿي ويو تہ تجديدِ نڪاح ۾ مهر واجب آهي، جيتوڻيڪ احتياطي تجديدِ نڪاح ۾ مهر جي ضرورت ناهي.

**خبردار**: مرتد ٿي وڃڻ کان پوءِ توبهہ ۽ تجديدِ ايمان کان اڳ جنهن نڪاح ڪيو اُن جو نڪاح ٿيو ئي ڪونہ.

## نِڪاح فُضولي جو طريقو

عورت کي بيشڪ خبر بہ نہ هجي ۽ ڪو شخص مرد کان مٿي ذڪر ڪيل گواهن جي موجودگي ۾ عورت طرفان ”ايجاب“ ڪري ونئي. مثلاً چوي: مون 786 روپيا اوڌر مهر جي عيوض فُلاڻي بنت فُلان بن فُلان جو تو سان نڪاح ڪيو، مرد چوي مون قبول ڪيو اهو نڪاح فضولي ٿي ويو، پوءِ عورت کي اطلاع ڪيو ويو يا گهوٽ پاڻ ٻڌايو ۽ اُن قبول ڪري ورتو تہ نڪاح ٿي ويو، مرد بہ ”ايجاب“ ڪري سگهي ٿو. نڪاحِ فضولي حنفين وٽ جائز آهي پر خلافِ اَوليٰ آهي. البت شافعين، مالڪين، ۽ حنبلين وٽ باطل آهي.

## دوزخ جي عذاب جون جهلڪيون

جنهن کان مَعَاذَاللّٰه ڪُفر سرزد ٿي ويو اُن کي گُهرجي تہ دليلن ۾ مُنجَهڻ جي بدران هڪدم توبهہ ڪري. مَعَاذَاللّٰه جنهن

جو خاتمو ڪفر تي ٿيندو اُهو هميشہ هميشہ جي لاءِ جهنم ۾ رهندو. چاهي دنيا ۾ ظاهري طور تي هو نيڪ نمازي، تهَجُّد گُذار ۽ پرهيزگار ئي ڇو نہ رهيو هجي! خدا جو قسم! جهنّم جو عذاب ڪو بہ برداشت نٿو ڪري سگهي. ڪفر جي موت مرڻ وارن کي لوهہ جي اهڙن ڳرَن گُرزن (يعني هٿوڙن) سان ملائڪ ماريندا جو جيڪڏهن ڪو گُرز زمين تي رکيو وڃي تہ سيئي جِنّ ۽ اِنسان گڏ تي ڪري بہ اُن کي کڻي نٿا سگهن. بُختي اُٺ (يعني هڪ قسم جا اُٺ جيڪي سيني اُنن کان وڏا هوندا آهن) جي ڪنڌ جيڏا وِڇون ۽ الله ڄاڻي ڪيتري قدر وڏا وڏا نانگ! جيڪڏهن هڪ دفعو ڏنگ هڻن تہ اُن جو سُور، درد ۽ بي چيني چاليهہ سالن تائين رهي. مٿي تي گرم پاڻي وهايو ويندو. دوزخين جي بدن مان جيڪا پونء وهندي اُها پيئاري ويندي. خار دار (يعني ڪنڊيدار) ٿوهر کائڻ لاءِ ڏنو ويندو، اُهو اهڙو هوندو جو جيڪڏهن اُن جو هڪ ڦُڙو زمين تي اچي تہ اُن جي جلن ۽ بدبو تمام دنيا وارن جي زندگي برباد ڪري ڇڏي، ۽ اُهو نڙي ۾ وڃي ڪري ڦاسي پوندو. اُن کي ڳِهڻ جي لاءِ پاڻي گُهرندا تہ اُنهن کي سخت گرم تيل وانگر سخت ٽهڪندڙ پاڻي ڏنو ويندو جو مُنهن جي ويجهو ايندي ئي سڄي منهن جي کل ڳري اُن ۾ ڪِري پوندي ۽ پيٽ ۾ ويندي ئي آنڊن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندو ۽ اُهي شوروي وانگر وَهي ڪري پيرن وٽان نڪرندو.

# ايمان جي حفاظت جو وظيفو

بِسۡمِ اللهِ عَلٰی دِيۡنِيۡ بِسۡمِ اللهِ عَلٰی نَفۡسِيۡ وَ وُلۡدِیۡ وَ اَهۡلِيۡ وَمَالِيۡ٥

صبح ۽ شام ٽي ٽي ڀيرا پڙهڻ سان، دين ۽ ايمان، جان، مال، ٻچا سڀ محفوظ رهندا.

(اڌ رات گذرڻ کان سج جي پهرين ڪِرڻي چمڪڻ تائين صبح ۽ ظهر جي ابتدائي وقت کان سج لهڻ تائين شام چئبو آهي)

**نوٽ**: هِن رسالي ۾ اوهان مختصر طور تي 28 ڪفريہ جملن جا مثال ملاحظہ ڪيا، وڌيڪ ڪفريہ ڪلمات جي معلومات جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 692 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب“ ملاحظہ ڪريو.

## پيشڪش

**مجلسِ تراجم** هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ **مجلس تراجم** کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)
عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران
پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي
فون نمبر: 021-34921389-90-91
E-mail: majlistarajim@dawateislami.net

